# مُنهِنجيِ اَمَڙِ

موُنکي کَنهِن تي کيِرُ پيِئاريو،
پيارَ مَنجهان تي گودِ وِهاريو،
خوشِ تي هَرَ هَرَ موُن ڏي نِهاريو،
مُنهِنجيِ اَمَڙِ، مُنهِنجيِ اَمَڙِ.
پَنڌُ کَندي جي ڏِکو کاڌُم،
کَنهِن کڻيِ تي ڇاتيءَ لاتُمِ،
پيارَ مَنجهان تي ڀاکُرُ پاتُمِ،
مُنهِنجيِ اَمَڙِ، مُنهِنجيِ اَمَڙِ.
نِندَ ڦِٽيِ موُن جَڏهِن تي پيئيِ،
کَنهِن تي سُمهارِيو لولِي ڏيئيِ،
ڇَڏي نَہ موُنکي کيڏانهُن ويئيِ
مُنهِنجيِ اَمَڙِ، مُنهِنجيِ اَمَڙِ
وَڏي جَڏهِن مان وَڏو ٿيِندُسِ،
سُکَ سَوين مان توکي ڏيِندُسِ،
تو تي پَنهَنجو ساهُ ڇَڏيِندُسِ،
مُنهِنجيِ اَمَڙِ، مُنهِنجيِ اَمَڙِ.

Poet: Bherumal Meharchand Advani

Singer: Siya Pahuja

Music Director: Jagdish Lalwani